

جمعي، ۷- جولاءِ ۱۹۷۲ع تي، ڪراچيءَ ۾، سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي انهيءَ اجلاس جو منظر، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بل منظور ڪيو ويو.

# صوبائي اسيمبلي سنڌ
## نوٽيفڪيشن

ڪراچي، ١٧- جولاءِ، ١٩٧٢ع.

نمبر ص الف س/ق-ب-١٣/٧٢-سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال) بل سال ١٩٧٢ع، جيڪو ٧- جولاءِ ١٩٧٢ع تي صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان منظور ڪيو ويو ۽ جنهن جي بحالي سنڌ جي گورنر ١٦- جولاءِ ١٩٧٢ع تي ڪئي، تنهن کي سنڌ جي صوبائي قانون ساز مجلس جي ايڪٽ جي طور تي ڇاپيو پيو وڃي:

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع

سنڌ ايڪٽ نمبر ٢ بابت سال ١٩٧٢ع

(سنڌ جي گورنر جي بحاليءَ بعد، پهريائين سنڌ جي غير معمولي گزيٽ ۾ تاريخ ١٧- جولاءِ ١٩٧٢ع تي ڇپيو.)

سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ آپاءَ تجويز ڪرڻ لاءِ

هڪ ايڪٽ

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ٢٦٧ ۾ چاڻايو ويو آهي ته قومي زبانن جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، صوبائي مقننه، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ، هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ آپاءُ تجويز ڪري سگهي ٿي؛ مهاڳ

۽ جيئن ته سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاتن ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿي رهي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌي ٻولي تعليمي ادارن ۾ پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون هئي، پر ان کي مارشل لا اختياري وارن جي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو هو؛

۽ جيئن ته اها صوبي سنڌ جي فطري آرزو ۽ خواهش آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي ڏني وڃي؛

تنهنڪري هيٺيون قانون ٺاهيو پيو وڃي:

١- (١) هن ايڪٽ کي (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع چيو ويندو. مختصر عنوان، شروعات ۽ حد.

(٢) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو ۽ پوري سنڌ صوبي سان لاڳو ٿيندو.

٢- هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪوئي ٻيو مطلب نه نڪرندو هجي، هيٺين لفظن جي اهائي معنيٰ سمجهي ويندي، جيڪا هرهڪ لاءِ ڄاڻائي وئي آهي: تشريح

(الف) "اسيمبلي" معنيٰ صوبائي اسيمبلي سنڌ،

(ب) "حڪومت" معنيٰ سنڌ جي حڪومت،

(ج) "حڪومت جو کاتو" معنيٰ حڪومت جو ڪوئي کاتو ۽ انهيءَ ۾ ڪوئي خود مختيار ادارو، لوڪل ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي به شامل سمجهيا ويندا.

(د) "ادارو" جي معنيٰ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا ڪوئي ٻيو ڪوئي ادارو.

**صوبائي ٻولي**

٣- سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي صوبائي ٻوليءَ جي طور تي استعمال ڪيو ويندو.

**سنڌيءَ جي سکيا**

٤- (١) اهڙن سڀني ادارن ۾، جن ۾ چوٿين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم ڏني ويئي وڃي، سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمونن جي حيثيت هوندي.

(٢) لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي شروعات هيٺين سطح يعني چوٿين ڪلاس کان عمل ۾ آندي ويندي ۽ درجي بدرجي، جيئن مقرر ڪيو وڃي، مٿين درجن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.

**سنڌيءَ جو واڌارو**

٥- سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ حڪومت اڪيڊميون ۽ بورڊ ٺاهي سگهي ٿي.

**سنڌيءَ جو استعمال**

٦- حڪومت، آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي، آفيسن ۽ سرڪاري کاتن ۾، جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجي بدرجي استعمال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي.

**قاعدن ٺاهڻ جو اختيار**

٧- (١) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قائدا ٺاهي سگهي ٿي.

(٢) مٿين عام اختيار کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، اهڙا قاعدا خاص طرح سان هيٺين مقصدن لاءِ ٺاهي سگهجن ٿا:

(الف) سنڌي ٻوليءَ کي، درجي بدرجي، پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون جي طور تي رائج ڪرڻ؛

(ب) اڪيڊمين ۽ بورڊن جو ٺاهڻ ۽ انهن جو عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن جي اختيارن ۽ ڪمن جي وضاحت ڪرڻ؛

(ج) آفيسن ۽ سرڪاري کاتن، اسيمبلي، عدالتن ۽ ادارن وغيره ۾ سنڌي زبان جو درجي بدرجي استعمال.

بحڪم

**اسپيڪر**

صوبائي اسيمبلي سنڌ.

**جمال الدين ابڙو**

سيڪريٽري، صوبائي اسيمبلي سنڌ.

## حڪومت سنڌ

قانون کاتو

## نوٽيفڪيشن

ڪراچي، ٢٢-جولاءِ، ١٩٧٢ع.

نمبر ايس (ليجس) ١ (١١)/٧٢-سنڌ جي گورنر جو جاري ڪيل هيٺ ڏنل آرڊيننس، عام ڄاڻ لاءِ شايع ڪجي ٿو:

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس، ١٩٧٢ع.

## سنڌ آرڊيننس ٻارهون بابت ١٩٧٢ع

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع جي اطلاق جي سلسلي ۾ ڪجهه فقرا وضع ڪرڻ لاءِ:

## هڪ آرڊيننس

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ٢٦٧ جي

مهاڳ — فقره (٢) ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي ٻولين جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، صوبائي مقننه، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ، هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اپاءُ تجويز ڪري سگهي ٿي؛

۽ جيئن ته اردو هڪ قومي ٻولي آهي ۽ ان کي ڳالهائڻ وارا ڪافي ماڻهو موجود آهن؛

۽ جيئن ته مغرض وضاحت ۽ گمانن کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ضروري تصور ڪيو ويو وڃي ته سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع (ايڪٽ ٻيو، بابت سال ١٩٧٢ع)، جنهن جو حوالو هن بعد مذڪوره ايڪٽ جي طور تي ڏنو ويندو، جي اطلاق جي سلسلي ۾ ڪجهه فقرا وضع ڪيا وڃن؛

۽ جيئن ته هن وقت صوبائي اسيمبلي سنڌ جو اجلاس ڪونه ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ جي گورنر کي انهيءَ ڳالهه جو اطمينان آهي ته اهڙيون حالتون موجود آهن، جن جي هيٺ هن لاءِ ترت قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي، تنهنڪري، انهن اختيارن کي، جيڪي کيس اسلامي جمهوريه پاڪستان

جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ١٣٥ جي فقره (١) هيٺ حاصل آهن، استعمال ڪندي، سنڌ جو گورنر هيٺيون آرڊيننس ڄاهي نافذ ڪري رهيو آهي:

مختصر عنوان، شروعات ۽ حد.

١- (١) هن آرڊيننس کي سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس، ١٩٧٢ع چيو ويندو؛

(٢) هي سنڌ جي سڄي صوبي سان لاڳو ٿيندو؛

(٣) هي هڪدم عمل ۾ ايندو.

زبان جي بنياد تي ڪنهن فرق جو نه هجڻ

٢- مذڪور ايڪٽ جي فقرن جي باوجود هن آرڊيننس جي شروعات کان ٻارهن سالن جي عرصي تائين:

(الف) ڪنهن به شخص سان، جيڪو ٻي صورت ۾ سول نوڪريءَ يا صوبي سنڌ جي معاملن جي بجاآوريءَ سان متعلق ڪنهن سول آساميءَ تي تقرر يا ترقيءَ جو اهل هوندو، فقط انڪري فرق نه رکيو ويندو جو هن کي سنڌي يا اردو ٻوليءَ جي ڄاڻ ڪانهي،

(ب) ڪنهن به شخص کي، جيڪو هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان هڪدم اڳ، سول نوڪري ڪري رهيو هو يا صوبي سنڌ جي معاملن جي بجاآوريءَ سان متعلق ڪنهن سول آساميءَ تي ڪم ڪري رهيو هو، فقط انڪري نوڪريءَ کان ڌار نه ڪيو ويندو جو هن کي سنڌي يا اردو ٻوليءَ جي ڄاڻ ڪانهي.

اردوءَ جي خلاف فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ جو اطلاق

٣- مذڪوره ايڪٽ کي اهڙيءَ ريت عمل ۾ آندو ويندو، جيئن اردوءَ جي استعمال کي ڪوئي نقصان نه پهچي.

**مير رسول بخش خان ٽالپر**
گورنر سنڌ

**بي. جي. اين. قاضي**
سيڪريٽري قانون کاتو،
حڪومت سنڌ.

ڪراچي
١٦-جولاءِ ١٩٧٢ع